# فيضانِ اهلبيت

سنڌي




شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**محمّد الياس عطّار قادري رضوي**

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙھڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙھڻ کان پھريان ھيٺ ڏنل دعا پڙھي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙھندا ياد رھندو، دعا ھي آھي:

**اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنھنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر ھڪ ھڪ ڀيرو درود شريف پڙھي ڇڏيو)**

رسالي جو نالون: فيضانِ اھلِ بيت

ڇاپو پھريون: محرم الحرام 1442ھ، آگست 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنھن کي بہ ھي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناھي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي ھجي يا صفحا گھٽ ھجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا ھجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فيضانِ اهلِ بيت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

# فهرست

## فيضانِ اهلِ بيت 1


دعاءِ عطار ........ 1

درودِ پاڪ جي فضيلت ........ 1

ساداتِ ڪرام سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ انعام (حڪايت) ........ 1

سچو عاشقِ رسول ڪير؟ ........ 3

قرآن ڪريم مان فضائلِ اهلبيت جو ثبوت ........ 4

اهلِ بيت مان ڪير مراد آهي؟ ........ 5

شانِ اهلبيت ........ 5

پاڪ گهرواريون اهلبيت ۾ داخل آهن ........ 6

بيبي عائشه جي ايمان اَفروز حڪايت ........ 7

عاشقِ اڪبر جي اهلبيت سان محبت ........ 8

صديق اڪبر تعظيم طور بيهي رهندا هئا ........ 9

حَسَنَين ڪَرِيمَيْن جي خوشي ۾ فاروقِ اعظم جي خوشي (حڪايت) .. 9

سوريءَ تان هيٺ لهي ايندا هئا ........ 11

ڪلهن تي ڪٽڻ (حڪايت) ........ 11

ساهراڻي رشتيداري جو شان ........ 12

صحابہ ۽ اهلبيت سان محبت جو بدلو (حڪايت) ........ 13

اعليٰ حضرت سيّدن کي ڊبل ڏيندا ها ........ 14

سيّد سڳورن کي خاص طور قرباني جو گوشت ڏيڻ ........ 14

التجاءِ عطار ........ 15

سيّد هئڻ جو ثبوت گهرڻ ڪيئن ........................ 16
سيّدن جو ادب ڪيو ........................ 18
40 حديثون پهچائڻ جي فضيلت ........................ 18
فضائل اهلبيت جي باري ۾ 40 حديثون ........................ 19
اهلبيت نوح جي ٻيڙي جيان آهن ........................ 19
اهلبيت ٻيڙي ۽ صحابہ تارا ........................ 20
آلِ فاطمہ دوزخ کان محفوظ ........................ 21
قرآنِ ڪريم ۽ اهلبيت ........................ 21
(10) ڪامل مؤمن ڪير آهي؟ ........................ 23
مُحِبِّ اهلبيت شفاعت ماڻيندو ........................ 23
آخري حج جي موقعي تي فرمايائون ........................ 24
مددگار آقا ........................ 24
آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بدلو ڏيندا ........................ 25
سيّدن جي خدمت جي ترغيب ........................ 25
اهلبيت تي ظلم ڪرڻ وارن تي جنت حرام آهي ........................ 26
دل ۾ ايمان داخل نہ ٿيندو ........................ 26
”پنجتن پاڪ“ مان مراد ڪير؟ ........................ 27
قرآنِ ڪريم ۽ اهل بيت ........................ 29
اهلبيت کي تڪليف ڏيڻ واري جي عمر ۾ برڪت ناهي ٿيندي ...... 33

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضانِ اهلِ بيت

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو ”فيضان اهلِ بيت“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي ۽ ان جي اچڻ واري نسل کي اهلبيتِ ڪرام عَلَیۡهِم الرِّضۡوَان جي سچي غلامي نصيب فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ موليٰ علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ: ”هرشخص جي دعا پردي ۾ هوندي آهي ايستائين جو اهو (حضرتِ) محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ آلِ محمد تي درودِ پاڪ پڙهي.“ (معجم اوسط جلد1 ص 211، حديث:721)

اُن کے مولیٰ کے اُن پر کروروں دُرود اُن کے اَصحاب وعترت پہ لاکھوں سلام
(حدائق بخشش ص۳۰۸)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ساداتِ ڪرام سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ انعام (حڪايت)

ڪوفي: ۾ هڪ نيڪ شخص جي پاڙي ۾ اَبُوالۡحَسَن علي بن ابراهيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نالي اتي جو مالدار واپاري رهندو هو. هڪ ڏينهن ان کان هڪ سيّد صاحب اتو گهريو، انهن اَتي جي رقم گهري، تہ سيّد زادي فرمايو: ”مون وٽ پئسا تہ ناهن، البتہ توهان منهنجو اهو قرض منهنجي ناني سائين محمد رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذمي لکي ڇڏيو.“ اَبُوالۡحَسَن علي بن ابراهيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان کي اَتو ڏئي ڇڏيو ۽ اهو قرض الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذمّي لکي

چڏيو.(هن معاملي جي خبر عَلوي، حَسني ۽ حُسيني حضرات کي پئي ته انهن به هن ڪان اٿي جو سوال ڪيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي به اتو پيش ڪيو ۽ اهو سڄو قرض رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي تي لکندا رهيا.) اهو سلسلو هلندو رهيو، ايستائين جو ڪين سامان ختم ٿي ويو ۽ هُو غريب ٿي ويو. هڪ ڏينهن انهن حضرت عُمر بن يحيٰ عَلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي سڄو واقعو ٻڌايو ۽ اها تحرير به ڏيکاري جنهن ۾ ڪانئن سڄو قرض حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناءُ لکيل هو. رات جڏهن اَبُوالحَسَن علي بن ابراهيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ستا ته خواب ۾ رحمتِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْه سان گڏ زيارت ٿي. الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي اَبُوالَحسَن! ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟ اَبُوالحسَن علي بن ابراهيم عرض ڪيو جي ها! اوهان الله پاڪ جا پيارا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهيو. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:”توهان منهنجي شڪايت ڇو ڪئي؟ حالانڪ تو مون سان معاملو ڪيو آهي “ عرض ڪيائين:”آقا! مان محتاج ۽ تنگدست ٿي ويو هيس.“ الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن تو مون سان معاملو(يعني مون سان سودو) دنيا جي عيوض ڪيو آهي ته مان توکي ان جو بدلو پورو پورو هاٿي جو هاٿي ڏئي تو ڇڏيان ۽ جيڪڏهن تو مون سان معاملو آخرت جي لاءِ ڪيو آهي ته صبر ڪيو، بيشڪ مون وٽ چڱو بدلو آهي.“ ابو الحسن علي بن ابراهيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي رِقّت طاري ٿي وئي ۽ روئندي ننڊ مان سجاڳ ٿيا ۽ جهنگلن ۽ جبلن جي طرف نڪري ويا. ڪجھ ڏينهن بعد هُو هڪ جبل جي غار مان مئل حالت ۾ هٿ آيا. ماڻهن ان

ڪي ڪٽي جنازو پڙهڻ بعد دفنائي ڇڏيو. انهيءَ رات ڪوفي جي ست نيڪ ماڻهن خواب ۾ حضرتِ اَبُوالحَسَن علي بن ابراهيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي سبز لباس پاتل ڏٺو تہ هُو جنّت جي باغن ۾ سير ڪري رهيا آهن. انهن پڇيو: اي اَبُوالْحَسَن! توهان ڪي اهو انعام ڪيئن مليو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايائون:”جنهن حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معاملو ڪيو ان اهو حاصل ڪري ورتو جيڪو مون حاصل ڪيو، جاٽي ڇڏيو! بيشڪ مون پنهنجي صبر جي سبب الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪري ورتو.“ (شرف المصطفيٰ جلد3 ص 216) الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ان جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

آل سے اَصحاب سے قائم رہے تاابد نسبت اے نانائے حسین

(وسائل بخشش ص ۲۵۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سچو عاشقِ رسول ڪير؟

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! اها حقيقت آهي تہ جڏهن ”ڪنهن“ سان محبت ٿي وڃي تہ ”اُن“ کان نسبت رکڻ واري هر شيءِ سان پيار ٿي ويندو آهي، محبوب جو اولاد هجي يا ان جا ساٿي سيئي پيارا لڳندا آهن، ايئن ئي جنهن کي الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت هوندي آهي اهو اُن جي آلِ پاڪ کان بہ محبت رکندو آهي ۽ ان جي اصحابن کان بہ پيار

ڪندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن جي اندر عشقِ رسول ڏسڻو هجي تہ اهو ڏسو تہ هُو صحابہ ۽ اهلبيت سان ڪيتري تو محبت ڪري. يقيناً جيڪو اهلبيت جو سچو مُحبّ ۽ معتقد (يعني محبت ۽ عقيدت رکڻ وارو) آهي ۽ گڏوگڏ تمام صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو بہ دل ۽ جان سان ادب ۽ احترام ڪري ٿو ۽ صحابہ کي جنتي مڃي ٿو تہ اهڙو خوش نصيب شخص ئي حقيقت ۾ سچو پڪو عاشقِ رسول ۽ عاشقِ صحابہ ۽ اهلبيت آهي. الله پاڪ اهڙن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

قلب میں عشقِ آل رکھا ہے
خوب اِس کو سنبھال رکھا ہے
کیوں جہنَّم میں جاؤں سینے میں
عشقِ اَصحاب و آل رکھا ہے

(وسائل بخشش ص ۴۴۳۔۴۴۴)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ڪريم مان فضائلِ اهلبيت جو ثبوت

الله پاڪ سيپاري 22 سوره احزاب، آيت نمبر 33 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾

**تَرجَمۂ ڪنزالايمان:** الله تہ اهو چاهي ٿو تہ اي نبيءَ جا گهروارؤ جو توهان کان هر ناپاڪائي دور فرمائي ڇڏي ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب سُٺو ڪري ڇڏي.

## اهلِ بيت مان ڪير مراد آهي؟

”خزائن الّعرفان“ ۾ هن مبارڪ آيت جي تفسير ۾ آهي: اهلِ بيت ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جون ازواج مُطهَّرات (يعني پاڪ گهرواريون) ۽ حضرت خاتونِ جنت فاطمه زهرا ۽ علي المرتضي ۽ حسنينِ ڪريمين(يعني امام حسن ۽ حسين) رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم سيئي داخل آهن. آيات و احاديث کي جمع ڪرڻ سان اهو ئي نتيجو نڪري ٿو. (خزائنُ العرفان ص 780)

اِمام طَبَري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ بيان ڪيل آيتِ مقدسه جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: يعني اي آلِ محمد! الله پاڪ چاهي ٿو ته توهان کان بُرين ڳالهين ۽ فُحش (يعني گندي) شين کي پَري رکي ۽ توهان کي گُناهن جي ميراڻ کان پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏي. (طبری ،ج۱۰ص۲۹۶)

اُن کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیاں　　آیۂ تطہیر سے ظاہر ہے شانِ اہلِبیت
(ذوقِ نعت ص 100)

## شانِ اهلبيت

صَدرُالاَفاضِل حَضرَتِ علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هي آيتِ ڪريمه اَهلِ بيتِ اَطهَار جي فضيلتن جو سر چشمو آهي، هن مان انهن جي بلند مقام ۽ اونچي شان جو اظهار ٿئي ٿو ۽ معلوم ٿئي ٿو ته سمُورا اَخلاقِ دَنِيَّہ (يعني بُرن اَخلاقن) ۽ اَحوالِ مَذمُومَہ (يعني ناپسنديده اَحوالن) کان انهن جي تطهير (يعني پاڪي) فرمائي وئي. ڪجهه حديثن ۾ مَروِي آهي ته اَهلِ بيت، باه (يعني جهنم) تي حَرام آهن ۽ هي ئي ان تَطهِير جو فائدو ۽ ثمر آهي ۽ جيڪا شيء انهن جي اَحوالِ شَرِيف (شرافت واري حالتن) جي لائق نه هجي ان کان انهن جو پَرْوَرْدِگار انهن کي محفوظ رکندو ۽ بچائيندو آهي. (سوانح کربلا،ص۸۲)

عظيم عاشقِ صحابہ و اهلبيت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيه ”حدائق بخشش“ ۾ اهلِ بيت جي شان ۾ فرمائن ٿا:

پارہ ہائے صُحف غُنچہ ہائے قُدس
اَہلِ بیتِ نَبوّت پہ لاکھوں سلام

آبِ تَطہیر سے جس میں پودے جمے
اس رِیاضِ نَجابت پہ لاکھوں سلام

خونِ خَیرُ الرُّسُل سے ہے جن کا خمیر
اُن کی بے لوث طینت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش ص ٣٠٩)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: پارہ: ٽڪڙو. صحف: صحيفي جو جمع، مقدس ڪتاب، غنچہ: ڪَلي. قدس: پاڪ. آبِ تطہير: مبارڪ پاڻي. رياض: باغ. نجابت: اعلي خاندان يا نسل جو هئڻ. خمير: اصل/ فطرت. بےلوث: خالص. طينت: طبيعت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

شرح ڪلامِ رضا: الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڪيزه گهراڻو يعني خاندان مقدس ڪتابن جا الڳ الڳ مختلف حصا ۽ مبارڪ گلَ آهن. جن کي پاڪيزه ۽ بابرڪت پاڻي سيراب ڪيو آهي، جڏهن ته اهو سڄي جو سڄو حَسِين ۽ دلڪش باغ آهي، هن شرافت واري بهترين خاندان تي لکين سلام چوته هن خاندانِ عاليشان ۾ خونِ رسولِ مُعظم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شامل آهي هنن مخلصن ۽ نيڪ هستين جي طبيعتن تي لکين سلام.

## پاڪ گهرواريون اهلبيت ۾ داخل آهن

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! اهلبيت ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو

سمورو اولاد ۽ ازواج مطهّرات(يعني پاڪ گھر واريون) بہ شامل آهن. حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ(پاڪ) گھر وارين جو اهلِبيت هجڻ قرآني آيتن مان ثابت آهي. (مراٰة المناجيح جلد8 ص 450)

اہلِ اسلام کی مادَرانِ شفیق بانُوانِ طَہارت پہ لاکھوں سلام
(حدائقِ بخشش ص ٣١٠)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: اہلِ اسلام: مسلمان. مادران: مادر جو جمع يعني مائرون. شفیق: مهربان. بانو: عزت دار عورت.

شرح ڪلامِ رضا: الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون عزت واريون، پاڪ گھر واريون سيني مسلمانن جون مهربان مائرون آهن، هنن تي لکين سلام هجن.

ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی

## بيبي عائشہ جي ايمان اَفروز حڪايت

سيني مسلمانن جي امڙ سائڻ، صحابيہ بنت صحابي، طيّبہ، طاهره، عابده(يعني عبادت گذار)، زاهده (يعني دنيا کان بي رغبت)، مجتهده (يعني تمام وڏي عالمہ) حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا تي هڪ ڀيرو خوف ۽ خشيت جو غلبو ٿيو، روئي رهيون هيون تہ صحابي ابن صحابي، حضرت عبدالله ابن عباس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اچي عرض ڪيو: اوهان کي مبارڪ هجي! خوش ٿي وڃو! خدا جو قسم! مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ"عائشہ" جنتي آهي. اهو ٻڌي ڪري امڙ سائڻ حضرتِ عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا ارشاد فرمايو: فَرَّجْتَ عَنِّيْ فَرَّجَ اللهُ عَنْكَ يعني اوهان منهنجو غم پري ڪيو الله پاڪ اوهان جو غم

پري ڪري. (فتاويٰ رضويه جلد30 ص 283)( مسند ابي حنيفه ص 417 ملخصا)

حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ جي هن حصي ”عائشہ جنتي آهي“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حضرتِ عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْها جنت ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ بلند درجات ۾ هوندي. (شرح مسند ابي حنيفه ص 417)

بنتِ صدّیق آرامِ جانِ نبی　　اُس حریمِ براءَت پہ لاکھوں سلام
یعنی ہے سورۂ نور جن کی گواہ　　ان کی پُرنور صورت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش ص۳۱۱)

**الفاظ و معنيٰ:** بنتِ صديق: حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْها. حريم: گهرواري. براءت: تهمت کان پاڪائي.

**شرح ڪلامِ رضا:** صحابي ابن صحابي، مسلمانن جو پهريون خليفو، حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي پياري شهزادي ۽ تمام مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْها الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دل جو سڪون ۽ قرار آهن، اُن باپرده ۽ باحياء پاڪ گهرواري تي لکين سلام، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْها اهڙيون باحياء ۽ پاڪيزه خاتون آهن جو سندن عظمت جي پاڪيزگي قرآنِ ڪريم جي سوره نور ۾ بيان ڪئي وئي آهي، سندن نوراني چهري تي لکين سلام هجن.

## عاشقِ اڪبر جي اهلبيت سان محبت

صحابي ابن صحابي، حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي سامهون هڪ پيرو اهلبيتِ اطهار جو ذڪر ٿيو تہ پاڻ فرمايائون: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ مونکي پنھنجي رشتيدارن سان صلہِ رحمي ڪرڻ کان وڌيڪ محبوب ۽ پسنديده آھي.
(بخاري شريف جلد2 ص 538، حديث:3712)

ھڪ ٻيرو حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمايو:”رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو سندس اھلبيت جي باري ۾ لحاظ رکو.“ (بخاري شريف جلد2 ص 538) مراد اھو آھي تہ انھن جي حقن ۽ مرتبن جو لحاظ ڪيو.
(نزھة القاري جلد4 ص 205)

## صديق اڪبر تعظيم طور بيھي رھندا ھئا

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا پيارا چاچا سائين حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ (جوتہ اھلبيت مان ھئا انڪري ھُو) بارگاھِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا ھئا تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ بطورِ احترام سندن لاءِ پنھنجي جڳھ ڇڏي ڪري اٿي بيھندا ھئا.
(معجم ڪبير ج10 ص 285، حديث:10675)

الله ربُّ العزّت جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## حَسَنَينِ ڪَرِيمَيْن جي خوشي ۾ فاروقِ اعظم جي خوشي (حڪايت)

خاندانِ اھلبيت جا چمڪندڙ تارا، حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنھنجي والدِ محترم، تابعي بزرگ حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت ڪن ٿا تہ اميرالمؤمنين حضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ وٽ يمن مان ڪجھ بھترين وڳا آيا تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ اھي ڪپڙا مھاجرن ۽ انصار (صحابہِ ڪرام) ۾ تقسيم ڪري ڇڏيا. ماڻھو انھن ڪپڙن کي

پائي گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا ها، پاڻ(يعني حضرت عمرِ فاروق) منبرِ رسول ۽ قبرِ انور جي وچ ۾ ويٺا هئا، ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضر ٿي سلام عرض ڪندا هئا ۽ دعائون ڏيندا هئا. اچانڪ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سامهون جنتي نوجوانن جا سردار، حسنين ڪريمين يعني امام حسن ۽ حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما ٻاهر تشريف کڻي آيا، ٻنهي شهزادن جي مبارڪ بدن تي انهن بهترين ڪپڙن مان ڪو ڪپڙو نه هو. جيئن ئي پاڻ شهزادن کي ڏٺائون ته فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جلال ۾ اچي(عمده ڪپڙا پائي خوش ٿيڻ وارن کي) ارشاد فرمايو: الله پاڪ جو قسم! مون اوهان کي جيڪي قيمتي ڪپڙا پارايا آهن انهن کي ڏسي مونکي ٿورڙي به خوشي ناهي ٿي. سيئي ماڻهو اهو ٻڌي پريشان ٿي عرض ڪرڻ لڳا ته حضور! ڇا ماجرو آهي جو اوهان ائين پيا فرمايو؟ حالانڪ اهي سيئي ڪپڙا اوهان پاڻ ئي عطا فرمايا آهن. ارشاد فرمايائون: هيءَ ڳالھ مان هنن ٻنهي شهزادن جي ڪري چئي رهيو آهيان، جيڪي ماڻهن جي وچ ۾ اهڙي حالت ۾ گهمي رهيا آهن جو هنن ٻنهي انهن عمده ڪپڙن مان ڪوبه ڪپڙو ناهي پاتو. پوءِ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ يڪدم يمن جي حاڪم ڏانهن خط لکيو ته جيترو جلدي ٿي سگهي امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما جي لاءِ 2 بهترين ۽ قيمتي وڳا تيار ڪرائي موڪليو. يمن جي حاڪم فوري حڪم جي تعميل ڪئي ۽ 2 لباس تيار ڪرائي موڪليا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حسنين ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کي اهي وڳا پارايا ۽ خوش ٿي ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جو قسم! جيستائين هنن ٻنهي شهزادن نوان ڪپڙا ڪونه پاتا هئا، مونکي ٻين جي پائڻ جي ڪا خوشي نه هئي. هڪ روايت ۾ هيئن آهي ته حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کي ڪپڙا

پارائي سندن ارشاد فرمايو: هاڻي مان خوش ٿيو آهيان.
(ابن عساکر 14 ص177، رياض النضره جلد1 ص 341) (فيضانِ فاروقِ اعظم ج1 ص 389)

صحابہ اور اہلِ بیت کی دل میں محبّت ہے بفیضانِ رضا میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا
(وسائلِ بخشش ص 526)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سوريءَ تان هيٺ لهي ايندا هئا.

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا پيارا پيارا چاچا حضرتِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْه کٿي پيدل وڃي رهيا هوندا ها ۽ حضرت عُمر فاروقِ اعظم ۽ حضرت عثمانِ غني ذوالنورين رَضِيَ اللهُ عَنْهُما سواري تي حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْه وٽان گذرندا هئا ته بطورِ تعظيم سواري تان هيٺ تشريف آڻيندا هئا ايستائين جو حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْه اتان کان گذري ويندا هئا. (الاستيعاب جلد2 ص 360)

## ڪلهن تي کڻڻ (حڪايت)

اَبُوالمُهَزِّم جو بيان آهي: هڪ ڀيرو اسان هڪ جنازي ۾ شريڪ ٿياسون، عظيم صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه به اسان سان گڏ هئا، واپسي تي نواسءِ رسول حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه ٿڪجي پيا ته آرام فرمائڻ جي لاءِ هڪ مقام تي ڪجهه دير جي لاءِ ويهي رهيا. حضرتِ ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه پنهنجي چادر شريف سان حضرتِ امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جي مبارڪ پيرن جي مٽي شريف پري ڪرڻ لڳا ته حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه انهن کي منع فرمايو. ان تي حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: الله پاڪ جو قسم! اوهان جي عظمت جيڪا مان ڄاڻان ٿو جيڪڏهن ماڻهن کي خبر پئجي وڃي ته اهي

توهان کي زمين تي هلڻ نہ ڏين بلڪ پنهنجي ڪلهن تي کڻن. (طبقاتِ ابن سعد ج6 ص 408)

چل گئی بادِ مخالف اَلغیاث
اے حُسین باوفا فریاد ہے
حال ہے بے حال شاہِ کربلا
آپ کے عطّار کا فریاد ہے
(وسائلِ بخشش ص588)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ساهراٽي رشتيداري جو شان

حضرت هِنْد بن ابي هاله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جيڪو ڪونين جي شهزادي حضرت بيبي فاطمة الزهرا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا جا اَخيافي ڀاءُ آهن (اخيافي يعني اهي ڀاءُ ڀيڻ جن جو پيءُ الڳ الڳ ۽ ماءُ هڪ هجي) روايت فرمائن ٿا تہ الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ الله پاڪ منهنجي لاءِ نہ چاهيو تہ مان نڪاح ڪيان ڪنهن اهڙي عورت سان يا پنهنجي خاندان مان ڪنهن عورت جو نڪاح ڪيان ڪنهن اهڙي مرد سان پر هي جو اهو جنتي هجي. (ابن عساکر جلد69 ص 149)

حضرت علّامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هن حديثِ پاڪ جو مطلب اهو آهي تہ مونکي اهڙي ساهراٽي متي مائٽي کان روڪيو ويو تہ جن جو خاتمو جهنم ۾ وڃڻ وارن عملن تي ٿيڻو هجي، وڌيڪ فرمائن ٿا: اها(حديثِ پاڪ) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ساهراٽي رشتيدارن جي لاءِ وڏي خوشخبري آهي. (فيض القدير ج2 ص 251)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! هن روايت مان جتي حضرت ابوبڪر صديق، حضرتِ عمرِ فاروق اعظم، حضرت عثمانِ غني ابن عفان ۽

موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جو شان ظاهر ٿئي ٿو اُتي حضرت ابوسفيان رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جي لاءِ به جنت جي خوشخبري آهي. ڇوته اهي تمام صاحبَ صحابي هئڻ سان گڏوگڏ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ساهراڻي رشتيدارن مان به آهن.

ہر صحابیِ نبی! جنتی جنتی سب صحابیات بھی! جنتی جنتی
چار یارانِ نبی! جنتی جنتی حضرتِ صدّیق بھی! جنتی جنتی
اور عمر فاروق بھی! جنتی جنتی عثمانِ غنی! جنتی جنتی
فاطمہ اور علی! جنتی جنتی ہیں حَسن حُسین بھی! جنتی جنتی
والدینِ نبی ! جنتی جنتی ہر زوجۂ نبی! جنتی جنتی
اور ابوسفیان بھی! جنتی جنتی ہیں مُعاویہ بھی! جنتی جنتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہءِ اهلبيت سان محبت جو بدلو (حڪايت)

حضرتِ بشرِ حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو خواب ۾ تشريف فرما ٿي مونکي ارشاد فرمايو: اي بِشر! ڇا توکي خبر آهي ته الله پاڪ توکي پنهنجي زماني جي اولياء مان بلند رتبو ڇو عطا ڪيو؟ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ! مان نٿو ڄاڻان، ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”تون منهنجي سنت تي عمل ڪندو آهين ۽ نيڪ ماڻهن جي خدمت ڪندو آهين، ۽ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي خير خواهي(يعني انهن کي نصيحت) ڪندو آهين ۽ منهنجي اصحابن ۽ اهلبيت رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم

سان محبت ڪندو آهين. اهو ئي سبب آهي جنهن توکي نيڪ ماڻهن جي مرتبي تائين پهچائي ڇڏيو آهي.“ (رسالہ قشيريه ص 31) اللّٰه ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

شکریہ تم نے آل کا صدقہ میری جھولی میں ڈال رکھا ہے
(وسائل بخشش ص 444)

## اعليٰ حضرت سيّدن کي ٻيڻو ڏيندا ها.

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، امام احمدرضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سيّد سڳورن جو تمام گهڻو خيال ڪندا هئا، ايستائين جو جڏهن ڪا شيءِ ورهائيندا هئا ته سيني کي هڪ هڪ عطا فرمائيندا هئا ۽ سيّدن سڳورن کي ٻه ٻه ڏيندا هئا. (حياتِ اعليٰ حضرت جلد1 ص182)

حُبِّ سادات اے خدا دے، واسِطہ اہلِ بیتِ پاک کا فریاد ہے
(وسائل بخشش ص 588)

## سيّد سڳورن کي خاص طور قرباني جو گوشت ڏيڻ

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي باري ۾ فرمائن ٿا: فقير(يعني منهنجو) معمول آهي ته هرسال قرباني پنهنجي والدِ ماجد جي طرفان ڪندو آهيان ته هن جو گوشت خيرات ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ هڪ قرباني حضور اقدس صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان ڪندو آهيان ته هن جو سڄو گوشت سيّدن سڳورن جي نظر ڪندو آهيان.

تَقَبَّلَ اللهُ تَعَالٰى مِنِّیْ وَ مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ (يعني الله پاڪ منهنجي ۽ سڀني مسلمانن طرفان قبول فرمائي، آمين.) (فتاويٰ رضويه جلد20 ص 452)

دوجہاں میں خادمِ آلِ رسول اللہ کر　　حضرتِ آلِ رسولِ مقتدا کے واسطے

(حدائق بخشش ص 151)

## التجاءِ عطار

اي مالدارؤ! دڪاندارؤ! ڊاڪٽرؤ! پنهنجي پنهنجي وس آهر آلِ رسول يعني سيد سڳورن جي خدمت ڪري انهن جي ناني رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ دل کي راحت پهچايو ۽ جنت جي باغ ۾ گهر ماڻڻ جا اسباب ڪيو، زهي نصيب! هر دڪاندار اهو ذهن بڻائي ته مان ساداتِ ڪرام کي سودو (يعني سامان سڙو) مفت ۾ يا گهٽ مان گهٽ خريديل قيمت تي ڏيندس. يقين ڪيو اهڙي طرح به انهن جي وڏي همدردي ۽ خيرخواهي ٿيندي، ڪاش! هر ڊاڪٽر اهو ذهن بڻائي وٺي ته مان سيّدن جو”چيڪ اپ“ مفت ۾ ڪندس بلڪ ٿي سگهيو ته دوائون به مفت ۾ پيش ڪري آلِ رسول جي دل خوش ڪندس.

رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ پاڙي ۾ رهندڙ سيّد سڳورن ڏانهن سحري ۽ افطاري، قرباني جي ڏهاڙن ۾ گهر ۾ تيار ٿيندڙ لذيذ طعامن مان ڪجهه نه ڪجهه انهن جي گهر وڃي ادب ۽ احترام سان انهن کي پيش ڪيو، افسوس اسان جي ناداني جو جن جي ناني جان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو صدقو کائون ٿا انهن ئي جا ڏوهٽا اسان جي آسائشن واري زندگي مان ڪجهه فائدو نه وٺي سگهيا. اَڄ پنهنجو مال، پنهنجي دولت، پنهنجون پسنديده شيون سيد سڳورن جي قدمن تي نثار ڪيو، پوءِ ڏسو ڪين نانا جان رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

ڪالھ قيامت جي ڏينھن ڪيئن تا مالامال ڪن. خدا جو قسم! اهو وقت جڏهن نہ مال ڪم ايندو ۽ نہ عهدو ۽ منصب عذابن کان بچائي سگھندو، اُن وقت بي چين دلين جي چين، ناناءِ حَسنين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت ڪم ايندي. جيڪڏهن دنيا ۾ سندن آل سان چڱو سلوڪ ڪيو هوندو، ڪنهن بيمار سيّد زادي جو مفت ۾ علاج ڪيو هوندو تہ ڪهڙي خبر اهوئي شهزادو پنهنجي ناني جان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ عرض ڪري اسان جي لاءِ شفاعت جو ذريعو بڻجي وڃي. ۽ ها! صرف رضاءِ اِلٰهي جي نيت سان خدمت ڪيو، باقي انهن جو ڪرم بي حد بي انتها آهي. پڻ هرگز هرگز پنهنجي دل ۾ اهو وسوسو نہ آڻيو تہ خبر ناهي هيءُ سيّد آهي بہ الائي نہ؟ اسان کي هن ڳالھ جي بلڪل اجازت ناهي تہ اسان نسب جي ڳولها ۾ پئون. اسان جي لاءِ صرف انهن جو سيّد مشهور هجڻ ئي ڪافي آهي.

## سيّد هئڻ جو ثبوت گهرڻ ڪيئن

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: فقير ڪيئي ڀيرا فتويٰ ڏئي چڪو آهي تہ ڪنهن کي سيّد سمجهڻ ۽ ان جي تعظيم ڪرڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي ذاتي عِلْم(يعني تحقيق) سان اُن کي سيّد سمجهڻ ضروري ناهي، جيڪي ماڻهو سيّد سڏرائين ٿا اسان انهن جي تعظيم ڪنداسين، اسان کي تحقيقات ڪرڻ جي حاجت ناهي، نہ سيّد هئڻ جي سند گهرڻ جو اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ زبردستي سند ڏيکارڻ تي مجبور ڪرڻ ۽ نہ ڏيکارين تہ برو ڀلو چوڻ. طعنو ڏيڻ هرگز جائز ناهي. اَلنَّاسُ اُمَنَاءُ عَلٰى اَنْسَابِهِم (يعني ماڻهو پنهنجي نسب تي اَمين آهن). ها جنهن جي باري ۾ اسان کي خوب تحقيق سان

معلوم هجي تہ اهو سيّد ناهي ۽ اهو”سيد بڻجي“اسان ان جي تعظيم نہ ڪنداسون. نہ وري ان کي سيّد چونداسين ۽ مناسب ٿيندو تہ اڻ واقفن کي ان جي دوکي کان خبردار ڪيو وڃي. (اعليٰ حضرت وڌيڪ فرمائن ٿا:) منهنجي خيال (يعني منهنجي يادداشت) ۾ هڪ حڪايت آهي جنهن تي منهنجو عمل آهي تہ هڪ شخص ڪنهن سيّد سان اٽڪيو، انهن فرمايو: مان سيّد آهيان، چيائين: تو وٽ ڪهڙي سند آهي جو تون سيّد ٿو سڏرائين؟ رات جو(سرڪارِ مدينہﷺ جي) زيارتِ اقدس سان فيضياب ٿيو تہ قيامت قائم ٿي چڪي آهي، هيءُ شفاعت جو طلبگار ٿيو، سرڪارﷺ منهن ڦيري ڇڏيو. ان عرض ڪيو: مان بہ حضور(يعني اوهان) جو امّتي آهيان. فرمايائون: تو وٽ ڪهڙي سند آهي تنهنجي امتي هجڻ جي؟ (فتاويٰ رضويہ جلد29، ص 587)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي پياري پياري ماحول ۾ صحابہ ڪرام و اهلبيتِ اطهار جي محبت گهوٽي گهوٽي پياري ويندي آهي، دعوتِ اسلامي جي مختلف اجتماعن ۾ جتي فضائلِ صحابہ ڪرام بيان ڪيا وڃن ٿا، اُتي ئي اهلبيت اطهار جي مبارڪ سيرت بيان ڪري انهن کان بہ فيض ورتو ويندو آهي”شجرهءِقادريہ رضويہ“ ۾ موجود اهلبيت اطهار جي مَحَبَّت جي خيرات گهرڻ تي مشتمل شِعر بڌو ۽ جيڪڏهن اجا تائين ديني تحريڪ سان وابستہ نہ ٿيا آهيو تہ هاڻي ئي غلامانِ صحابہ و اهلبيت جي ديني تحريڪ”دعوتِ اسلامي“ جي پياري پياري ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو.!

دوجہاں میں خادمِ آلِ رسولُ اللہ کر — حضرتِ آلِ رسولِ مقتدا کے واسطے

(حدائق بخشش ص 151)

هن شعر ۾ سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه جي 37هين شيخ طريقت يعني حضرت سيّد آلِ رسول رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي وسيلي سان اهلبيت جو خادم ٻٽجڻ جي سعادت ملڻ جي دعا گهري وئي آهي. (شرح شجره شريف ص 121)

الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيّدن جو ادب ڪيو

حضرت علي خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بعض اهلِ عِلم ايستائين فرمايو آهي ته سيّد سڳورا جيتوڻيڪ نسب ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيترائي پري ڇو نه هجن، انهن جو اسان تي حق آهي ته پنهنجي خواهشن تي انهن جي رضا مقدم رکون (يعني انهن جي خوشي کي پنهنجي خوشي تي ترجيح ڏيون) ۽ انهن جي ڀرپور تعظيم ڪيون ۽ جڏهن اهي حضرات(يعني سيّد سڳورا) زمين تي تشريف فرما هجن ته مٿين جڳهه(يعني ڪرسي صوفي وغيره) تي نه ويهون.(نورالابصار ص 129)

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا　　تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا

(حدائق بخشش ص 246)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 40 حديثون پهچائڻ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص منهنجي اُمّت تائين پهچائڻ جي لاءِ دين جي متعلق”40 حديثون“ ياد ڪري وٺندو ته ان کي

الله پاڪ قيامت جي ڏينهن عالمِ دين جي حيثيت سان اٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينهن مان اُن جو شفيع(يعني شفاعت ڪرڻ وارو) ۽ گواهه هوندس.“(شعب الايمان جلد2 ص 270، حديث:1726)

حضرت شيخ عبدالحق مُحدثِ دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن مان مُراد چاليهه حديثن جو ماڻهن تائين پهچائڻ آهي جيتوڻيڪ اهي ياد نہ هجن. (اشعة اللّمعات جلد1 ص 186) الحمدلله حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل فضيلت ان ڪي بہ حاصل ٿيندي جيڪو پرنٽ ڪرائي يا ڏسي ڪري بيان ڪري يا ڪنهن بہ ذريعي سان ماڻهن تائين 40 حديثون پهچائي تنهنڪري اها فضيلت حاصل ڪرڻ جي نيت سان فضائلِ اهلِ بيت جي متعلق ”40 فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ“ تحريري طور پيش ڪيا وڃن ٿا:

## فضائل اهلبيت جي باري ۾ 40 حديثون

(1) پنهنجي اولاد کي ٽي ڳالهيون سيکاريو: پنهنجي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت، اهلبيت جي محبت ۽ تلاوتِ قرآن. (الجامع الصغير ص 25 حديث:311)

## اهلبيت نوح جي ٻيڙي جيان آهن

(2) مَثَلُ اَهْلِ بَيْتِيْ مَثَلُ سَفِيْنَةِ نُوْحٍ مَّنْ رَّكِبَهَا نَجَا، وَمَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا غَرِقَ يعني: منهنجي اهلبيت جو مثال نوح جي ٻيڙي جيان آهي، جيڪو ان ۾ سوار ٿيو (اهو) ڇوٽڪارو ماڻي ويو ۽ جيڪو ان کان پوئتي رهيو هلاڪ (يعني برباد) ٿيو. (المستدرڪ جلد3 ص 81، حديث:3365)

## اهلبيت ٻيڙي ۽ صحابہ تارا

حضرتِ مفتي احمديارخان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سمند جو مُسافر ٻيڙي جو بہ ضرورت مند هوندو آهي ۽ تارن جي رهبري جو بہ، جهاز تارن جي رهنمائي سان ئي سمنڊ ۾ هلن ٿا. انهيءَ طرح اُمتِ مسلمہ پنهنجي ايماني زندگي ۾ اهلبيتِ اطهار عَلَيْهِمِ الرِّضْوَان جا بہ محتاج (يعني ضرورت مند) آهن ۽ صحابہءِ ڪبار عَلَيْهِمِ الرِّضْوَان جا بہ ضرورتمند آهن. اُمّت جي لاءِ صحابہ جي پيروي ئي ۾ هدايت آهي. (مرآۃ المناجيح جلد8 ص 345) مفتي صاحب هڪ ٻي مقام تي فرمائن ٿا: دنيا سمنڊ آهي ان ۾ سفر جي لاءِ جهاز جي سواري ۽ تارن جي رهبري ٻنهي جي ضرورت آهي. الحمدلله! اهلسنت جو ٻيڙو پار آهي جو هي اهلبيت ۽ صحابہ ڪرام ٻنهي جي قدم سان وابستہ آهن. (مرآۃ المناجيح جلد8 ص 494)

اہلِ سنّت کا ہے بیڑا پار اَصحابِ حضور    نجم ہیں اور ناؤ ہے عترت رسول اللہ کی
(حدائق بخشش ص 153)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: بيڑا بحري جهاز، ٻيڙي، نجم: تارا. ناؤ: ٻيڙي. عترت: اهلبيت اطهار.

شرحِ ڪلامِ رضا: اَلْحَمْدُلله! اهلسنت جو دنيا ۽ آخرت ۾ ٻيڙو پار ٿيندو ڇوتہ هي صحابہ ۽ اهلبيت ٻنهي ئي سان محبت ڪرڻ ۽ انهن کي مڃڻ وارا آهن. سنّي اهلبيت اطهار جي ٻيڙي ۾ سوار آهن ۽ سنين جا رهنما صحابہ ڪرام عَلَيْهِمِ الرِّضْوَان "تارا" آهن تہ ان شاءالله الڪريم سنين جو ٻيڙو پار ٿيندو ۽ هي الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پنيان پنيان جنت الفردوس ۾ ويندا.

باغِ جنت میں محمد مسکراتے جائیں گے　　　پھول رحمت کے جھڑیں گے ہم اُٹھاتے جائیں گے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آلِ فاطمه دوزخ کان محفوظ

(3) اي فاطمه! بيشڪ الله پاڪ توهان کي ۽ توهان جي اولاد کي عذاب نہ ڏيندو. (معجم کبير جلد11 ص 210، 11685)

(4) جيڪو شخص وسيلو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هي چاهي ٿو تہ منهنجي بارگاھ ۾ ان جي ڪا خدمت پيش ٿئي، جنهن جي سبب مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪيان، ان کي گهرجي تہ منهنجي اهلبيت جي خدمت ڪري ۽ انهن کي خوش ڪري. (الشرف المؤبد للنبهاني ص 54)

(5) بيشڪ منهنجي لاءِ ۽ منهنجي اهلبيت جي لاءِ صدقي جو مال حلال ناهي.(مسندِ امام احمد بن حنبل جلد6 ص 206، حديث: 17679)

(6) مون پنهنجي رب کان گهريو تہ منهنجي اهل بيت مان ڪنهن کي دوزخ ۾ نہ وجهي. اُن منهنجي اها مراد عطا(پوري)فرمائي.
(کنزالعمال ج12 ص 44، حديث:34144)

(7) منهنجي شفاعت منهنجي امت جي ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو منهنجي گهراڻي(يعني اهلبيت) سان محبت رکڻ وارو هجي.
(تاريخ بغداد ج2 ص 1449)

## قرآنِ ڪريم ۽ اهلبيت

(8) مان توهان ۾ ٻہ عظيم(وڏيون) شيون ڇڏي وڃان پيو، انهن مان پهرين تہ الله پاڪ جو ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم) آهي جنهن ۾ هدايت ۽ نُور آهي، توهان الله پاڪ جي ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم

تي عمل ڪيو ۽ ان کي مضبوط پڪڙي رکو. ہي منهنجا اهلبيت آهن، ۽ ٽي ڀيرا ارشاد فرمايائون: مان توهان کي پنهنجي اهلبيت جي متعلق اللہ پاڪ جي ياد ڏياريان ٿو. (مسلم شريف ص 1008 حديث: 62225)

امام شرفُ الدّين حُسين بِن محمد طِيّبِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: معنيٰ اها آهي تہ مان توهان کي پنهنجي اهلبيت جي شان جي حوالي سان اللہ پاڪ کان ڊيڄاريان ٿو ۽ توهان کي چوان ٿو تہ توهان اللہ پاڪ کان ڊڄو، انهن کي تڪليف نہ ڏيو بلڪ انهن جي حفاظت ڪيو.
(شرح الطيبي ج11 ص 296، تحت الحديث:6140)

شجره قادريہ رضويہ ۾ اللہ پاڪ جي مقبول ٻانهن يعني سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ جي 34 هين ۽ 35 هين شيخ طريقت يعني حضرت شاه ابُوالبرڪات آلِ محمد ۽ حضرت شاه حمزه رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جي وسيلي سان ڪيتري پياري انداز سان بارگاهِ الٰهي ۾ اهلبيتِ ڪرام جي محبت جو سوال ڪيو ويو آهي.

حبِّ اہلِ بیت دے،آلِ محمدؐ کے لئے کر شہیدِ عشق،حمزہؔ پیشوا کے واسطے

(حدائق بخشش ص 150)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**(9)** اللہ پاڪ سان محبت ڪيو ڇوتہ اهو توهان کي پنهنجي نعمت مان روزي ڏيندو آهي، ۽ اللہ پاڪ جي محبت(حاصل ڪرڻ) جي لاءِ مون سان محبت ڪيو، ۽ منهنجي محبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ منهنجي اهلبيتن سان محبت ڪيو. (ترمذي جلد5 ص 3814)

## (10) ڪامل مؤمن ڪير آهي؟

لَا یُؤْمِنُ عَبْدٌ حَتّٰی اَکُوْنَ اَحَبَّ اِلَیْہِ مِنْ نَّفْسِہٖ، وَتَکُوْنَ عِتْرَتِیْ اَحَبَّ اِلَیْہِ مِنْ عِتْرَتِہٖ- يعني اُن وقت تائين ڪو ڪامل مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان کي ان جي جان کان وڌيڪ پيارو نہ ٿي وڃان ۽ منهنجو اولاد ان کي پنهنجي اولاد کان وڌيڪ پيارو نہ ٿئي وڃي. (شعب الايمان جلد2 ص 189، حديث: 150)

صحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادِم  یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یا رسولَ اللہ

(وسائِل بخشش ص 330)

## مُحِبِّ اهلبيت شفاعت ماڻيندو

(11) اسان جي اهلبيت جي مَحَبّت کي لازم پڪڙيو ڇوتہ جيڪو اللّٰه پاڪ کان هن حال ۾ مليو جو اهو اسان سان محبت ڪري ٿو تہ اللّٰه پاڪ ان کي منهنجي شفاعت جي سبب جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ ان جي قسم جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! ڪنهن بہ ٻانهي کي ان جو عمل انهيءَ صورت ۾ فائدو ڏيندو جڏهن اهو اسان(يعني منهنجو ۽ منهنجي اهلبيتن جو) حق سڃاڻي.

(معمجم اوسط ج 1 ص 606، حديث:2230)

(12) توهان مان پهلو انسان اهو آهي جيڪو مون کان پوءِ منهنجي اهلبيت جي لاءِ بهتر هوندو. (المستدرڪ ج 4 ص 369، حديث:5410)

(13) انهن ماڻهن جو ڇا حال آهي جيڪي اهو گمان ڪن ٿا تہ منهنجي رشتيداري فائدو نہ ڏيندي. هر تعلّق ۽ رشتو قيامت ۾ ختم

ٿي ويندو پر منهنجو رشتو ۽ تعلق ختم نہ ٿيندو ڇوتہ (هي) دنيا ۽ آخرت ۾ جڙيل آهي.(معجم الزوائد جلد8 ص 398، حديث:13867)

## آخري حج جي موقعي تي فرمايائون

(14) (آخري) حج جي موقعي تي عرفہ جي ڏينهن پنهنجي (مبارڪ ڏاچي قصوىٰ تي خطبو ڏيندي ارشاد فرمايائون: ”اي انسانو! مون توهان ۾ اها شيءِ ڇڏي آهي جو جيستائين توهان هن کي پڪڙي رکندؤ گمراھ نہ ٿيندؤ، الله پاڪ جو ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم ۽ منهنجي عِترت يعني اهلبيت.“ (ترمذي جلف5 ص 433، حديث:3811)

## مددگار آقا

(15) جيڪو منهنجي اهلبيت مان ڪنهن سان سٺو سلوڪ ڪندو مان قيامت جي ڏينهن ان جو بدلو ان کي عطا فرمائيندس.
(تاريخِ ابن عساڪر ج45، ص 303)

علامہ عبدالرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات:1031ھ/1622ء) هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هيءَ حديثِ پاڪ هن ڳالھ تي دلالت ڪري ٿي تہ الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (الله پاڪ جي عطا سان) عنايت فرمائڻ(يعني ڏيڻ) وارا آهن ۽ هيءَ ڳالھ ڪنهن کان لڪيل ناهي، تنهنڪري اُن شخص کي مبارڪ هجي جنهن جي پريشاني حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دور ڪن يا اُن جي پڪار تي تشريف ڪٺي اچن ۽ ان جي حاجت ۽ ضرورت پوري ڪن. (فيض القدير جلد6 223)

وَ اللہ وہ سن لیں گے، فریاد کو پہنچیں گے    اِتنا بھی تو ہو کوئی، جو آہ! کرے دِل سے

(حدائق بخشش ص 143)

## آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بدلو ڏيندا

**(16)** جيڪو شخص عبدالمطلب جي اولاد مان ڪنهن سان دنيا ۾ ڀلائي ڪري، ان جو بدلو ڏيڻ مون تي لازم آهي، جڏهن اهو روزِ قيامت مون ڪان ملندو. (تاريخِ بغداد ج10 ص 102)

## سيّدن جي خدمت جي ترغيب

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، امام احمدرضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "فتاويٰ رضويه ۾ هيءَ حديثِ پاڪ لکڻ ڪان پوءِ فرمائن ٿا: الله اڪبر! قيامت جو ڏينهن، اهو قيامت جو ڏينهن، اهو سخت حاجت جو ڏينهن، ۽ اسان جهڙا محتاج، ۽ صلو عطا فرمائڻ وارا محمدِعربي جهڙا صاحب التّاج، خدا ڄاڻي ڇا جو ڇا عطا ڪن ۽ انهن جي هڪ نگاهِ ڪرم ٻنهي جهانن جي تمام مشڪلات جي حل جي لاءِ ڪافي آهي، بلڪ خود اهو ئي بدلو ڪروڙين بدلن ڪان اعليٰ ۽ بهترين آهي، جنهن جي طرف هي مبارڪ الفاظ "اَللّٰهُ اَكۡبَرُ! اَللّٰهُ اَكۡبَرُ" (يعني جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن مون سان ملندو) اشارو فرمائي ٿو، بَلفظ "اِذا" تعبير فرمائڻ(يعني "جڏهن" جو لفظ چوڻ) الله جي فضل سان ملاقات جو واعدو ۽ ديدارِ محبوب ذوالجلال صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشخبري ٻڌائي ٿو.(يعني سيّدن سان ڀلائي ڪرڻ وارن کي قيامت جي ڏينهن تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ۽ ملاقات جي خوشخبري آهي) مسلمانؤ! اچا ڇا کپي؟ جلدي ڪيو ۽ هن دولت ۽ سعادت کي حاصل ڪيو. وبالله التوفيق (يعني هي الله پاڪ ئي جي توفيق مان آهي). وڌيڪ هڪ موقعي تي فرمائن ٿا، اقول (يعني مان

چوان ٿو): گھڻي مال وارا جيڪڏھن پنھنجي خالص مالن مان تحفي طور انھن بلند رتبي وارن جي خدمت نہ ڪن تہ انھن (مالدارن) جي (پنھنجي) بي سعادتي (۽ محرومي) آھي، اھو وقت ياد ڪيو جڏھن انھن سيد زادن جي جَدِاڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪان سواءِ ظاھري اڪين ڪي بہ ڪو پناھ جو نڪاڻو نہ ملندو، چا اھا ڳالھ پسند نٿي اچي تہ اھو مال جيڪو انھن جي صدقي ۾، انھن جي بارگاھ مان عطا ٿيو. جنھن کي عنقريب ڇڏي ڪري وري ائين ئي ھٿين خالي قبر ۾ وڃڻ وارا آھيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشنودي جي لاءِ سندن پاڪ پٽن(يعني سيدن) تي اُن جو ھڪ حصو خرچ ڪندا ڪيو تہ ان سخت حاجت جي ڏينھن(يعني قيامت جي ڏينھن) اُن جوّاد ڪريم، رؤُف رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بيشمار انعامن، عظيم اڪرامن سان مشرف ٿيو. (فتاويٰ رضويه جلد10 ص105)

## اھلبيت تي ظلم ڪرڻ وارن تي جنت حرام آھي

(17) جھن شخص منھنجي اھلبيتن تي ظُلَم ڪيو ۽ مونکي منھنجي اولاد بابت تڪليف ڏني، اُن تي جنت حرام ڪئي وئي. (الشرف المؤبد ص 99)

## دل ۾ ايمان داخل نہ ٿيندو

(18) اُن ذات جو قسم جنھن جي قبضۂ قدرت ۾ منھنجي جان آھي! ڪنھن جي دل ۾ ايمان داخل نہ ٿيندو(يعني ڪمالِ ايمان نصيب نہ ٿيندو) ايستائين جو الله ۽ رسول جي لاءِ،”توھان سان محبت ڪري.“ (ترمذي ج5 ص 422، حديث:2783)

حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ جي ھن حصي”توھان

سان محبت ڪري.“ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هن مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا سيئي اهلبيت، اولاد، اَزۡدواج (يعني پاڪ گهرواريون) ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا سيئي رشتيدار مراد آهن، جن ۾ حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ به داخل آهن. هنن سيني سان محبت انڪري رکي جو انهن ۾ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف ڪٺي آيا اهي حضرات حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو خاندان آهن جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پيارا ته حُضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سڄو خاندان به پيارو.

(مراٰة المناجيح جلد8 ص 470)

کس زباں سے ہو بیانِ عزو شانِ اہلِ بیت     مدح گوئے مصطفٰے ہے مدح خوانِ اہلِ بیت

(ذوقِ نعت ص 100)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: عِز: عظمت، مدح ڪندڙ مدح خواں: تعريف ڪرڻ وارو  شرح ڪلامِ حسن: اهلبيت يعني گلشنِ مصطفيٰ جي مهڪندڙ گلن جي عظمت ۽ شان ڪير تو بيان ڪري سگهي! حَق اهو آهي ته اهلبيتِ ڪرام جي تعريف ڪرڻ وارو درحقيقت الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعريف ڪري رهيو هوندو آهي.

## ”پنجتن پاڪ“ مان مراد ڪير؟

**(19)** تمام مسلمانن جي ماءُ حضرت بيبي عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ صبح جو ٻاهر تشريف ڪٺي ويا ڪين ڪاري اُنَّ جي چٽيل چادر پاتل هئي، حَسَن ابن علي آيا، حُضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي چادر ۾ داخل ڪيو پوءِ حسين بن علي آيا اهي به انهن سان گڏ داخل ٿيا پوءِ (حضرت) فاطمه رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا آيون انهن

ڪي ٻہ(چادر ۾) داخل ڪيو ويو پوءِ جناب عليرَضِیَ اللہُ عَنْہ آيا انهن کي ٻہ داخل ڪيو ويو پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون:

اِنَّمَا یُرِیْدُ اللّٰهُ لِیُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَیْتِ وَ یُطَهِّرَكُمْ تَطْهِیْرًا ﴿۳۳﴾

**تَرجَموڪنزالايمان:** الله تہ اهو چاهي ٿو تہ اي نبيءَ جا گهروارؤ جو توهان کان هر ناپاڪي دور فرمائي ڇڏي ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب سُٿرو ڪري ڇڏي.

”مرآت“ جلد 8 جي صفحي 452 تي آهي: بعض روايتن ۾ آهي تہ (اُمُّ المؤمنين) حضرتِ اُمّ سَلمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي هن موقعي تي عرض ڪيو: حضور! مان بہ اهل بيت مان آهيان؟ فرمايائون: تون بہ اهل بيت مان آهين، بعض روايتن ۾ آهي تہ حضور انور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (حضرت) اُمّ سلمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا کي بہ ڪمبل ۾ داخل فرمايو پوءِ اها دعا فرمائي. خيال رهي! لفظ پنجتن پاڪ (يعني پنج پاڪ جسم) هن حديث مان ورتو ويو آهي ۽ اهو واقعو ڪيئي ڀيرا ٿيو ڪڏهن اُمّ سلمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا کي ڪمبل شريف ۾ داخل نہ فرمايو ۽ ڪڏهن داخل فرمايو آهي. (مراۃ المناجیح جلد8 ص 452)

فضل کر رحم کر تو عطا کر | اور مُعاف اے خدا ہر خطا کر
واسِطہ پنجتن پاک کا ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائِل بخشش ص 135)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**(20)** جيڪو شخص اهلبيتن کان دشمني رکندي مُئو، اهو قيامت جي

ڏينهن هن حال ۾ ايندو جو اُن جي پيشاني تي لکيل هوندو:”هي اڄ الله پاڪ جي رحمت کان مايوس آهي.“ (تفسيرقرطبي ج16 ص 17)

## قرآنِ ڪريم ۽ اهل بيت

**(21)** مان توهان ۾ ٻه شيون ڇڏي ٿو وڃان ته جيڪڏهن اوهان انهن کي پڪڙي رکندؤ ته مون کان بعد گمراهه نه ٿيندؤ، انهن مان هڪ (شيءِ) ٻيءَ کان وڏي آهي، الله پاڪ جو ڪتاب(يعني قرآنِ ڪريم) جيڪو آسمان کان زمين تائين (ڊگهي) رسي آهي ۽ منهنجي عترت يعني منهنجا اهل بيت اهي ٻئي(يعني قرآنِ ڪريم ۽ اهلبيت) جدا نه ٿيندا ايستائين جو منهنجي حوض وٽ اچن. پوءِ غور ڪيو! توهان انهن ٻنهي سان مون کان بعد ڪهڙو معاملو ڪيو ٿا. (ترمذي ج5 ص 434، حديث:3813)

**شرحِ حديث:** هن(حديثِ پاڪ) جا ٻه مطلب ٿي سگهن ٿا: هڪ (مطلب) اهو ته قرآن ۽ اهلبيت پاڻ ۾ هڪٻئي سان جدا نه ٿيندا، اهلبيت هميشه قرآن ۽ حديث تي عمل ڪندا رهندا، قرآن انهن جي دل ۽ دماغ ۽ عمل ۾ رهندو. ٻي (معنيٰ) اها ته قرآن ۽ اهل بيت ڪڏهن مون کان جدا نه ٿيندا ايستائين جو اهي ٻئي مون وٽ حوض تي پهچندا ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ عالي ۾ انهن جي سفارش ڪندا جن هنن ٻنهي جو حق ادا ڪيو. (مرٰاة المناجيح ج 8 ص468)

**(22)** جيڪو شخص اسان (يعني مون کان ۽ اهلبيت) کان بغض يا حسد ڪندو، ان کي قيامت جي ڏينهن حوضِ ڪوثر کان باهه جي چهبڪن ذريعي پري ڪيو ويندو. (معجم اوسط جلد2 ص 33، حديث: 2405)

**(23)** اُن ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، اسان جي اهلبيت کان بغض رکڻ واري کي الله پاڪ جهنم ۾ داخل فرمائيندو. (المستدرڪ جلد 4 ص 131، حديث: 4771)

اور جتنے ہیں شہزادے اُس شاہ کے　　ان سب اہلِ مکانت پہ لاکھوں سلام
اُن کی بالا شرافت پہ اعلیٰ دُرود　　ان کی والا سیادت پہ لاکھوں سلام
(حدائق بخشش ص 314)

**مشڪل لفظن جي معنيٰ:** شهزادے: پيارا پٽ. شاه: بادشاهه. اہلِ مکانت: اونچي رتبي وارا. بالا: اونچي. شرافت: عزت ۽ عظمت. والا سيادت: عظيم سرداري.

**شَرحِ ڪلامِ رضا:** شهنشاهه عرب و عجم جا جيترا به پيارا پيارا شهزاده آهن، انهن سڀني وڏي رتبي وارن تي لکين سلام. انهن عظيم شرافت تي الله پاڪ جون رحمتون هجن ۽ اُنهن جي وڏي سرداري تي لکين سلام.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**(24)** جنهن اسان جي اهلبيتن کان بغض رکيو اهو منافق آهي.

(فضائل الصحابه لامام احمد بن حنبل جلد2 ص 661، حديث:1126)

**(25)** اي بني هاشم! بيشڪ مون الله پاڪ کان توهان جي لاءِ سوال ڪيو ته هُو توهان کي بهادر، دلير ۽ رحم دل بڻائي ۽ مون سوال ڪيو ته هُو توهان جي پٽڪيلن کي راهه ڏيکاري ۽ هُو توهان کي ڊيڄاريندڙن کان اَمن عطا فرمائي ۽ هُو توهان جي بکايلن کي پيٽ

پري ڪارائي. اُن جو قسم جنهن جي قبضےۂ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! انهن مان ڪو ڪامل مؤمن نٿو ٿئي سگهي ايستائين جو اهو توهان سان منهنجي محبت جي ڪري مَحبَّت ڪري.
(معجم اوسط جلد8 ص 373، حديث:7757)

**(26)** مان توهان کان ٻن شين جو سوال ڪيان ٿو قرآنِ ڪريم ۽ منهنجي آل(جي عزت ۽ حرمت) جو. (حلية الاولياء ج 9 ص 83،حديث:13153)

**(27)** سڀ کان پهريان منهنجي حوضِ ڪوثر تي اچڻ وارا منهنجا اهلبيت هوندا. (السنة لابن ابي عاصم ص 173، حديث:766)

**(28)** توهان مان پلصراط تي سڀ کان وڌيڪ ثابت قدم اهو هوندو جيڪو منهنجي اصحابن ۽ اهلبيتن کان گهڻي مُحبت ڪرڻ وارو هوندو. (جمع الجوامع جلد1 ص 86، حديث:454)

حضرتِ علامہ عبدالرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شَرَح ۾ فرمائن ٿا: (هيءَ فضيلت اُن جي لاءِ آهي) جنهن مسلمان جي دل ۾ صحابہ ۽ اهلبيت ٻنهي جي محبت جَمَع ٿي وئي ۽ هُو انهيءَ حالت ۾ فوت ٿي ويو. وڌيڪ فرمائن ٿا: اهو بہ مطلب ٿئي سگهي ٿو تہ پل صراط مان مراد دين اسلام هجي يعني توهان مان سڀ کان وڌيڪ دين تي ثابت قدم، ڪامل الايمان(يعني مکمل ايمان وارو) اهو هوندو جيڪو صحابہ ۽ اهلبيت سان سڀ کان وڌيڪ پيار ڪرڻ وارو هوندو. تنهنڪري هن حديثِ پاڪ مان اهو نتيجو نڪتو تہ صحابہ ۽ اهلبيتن جي مَحَبّت ايمانِ ڪامل هئڻ جي دليل آهي ۽ هن محبت مان مراد اهڙي مَحَبَّت آهي جيڪا ڪنهن شرعي ممانعت جي طرف نہ وٺي ويندي هجي. (مثلاً: صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي محبت ۾ معاذالله اهلبيتِ ڪرام

جي باري ۾ بدگماني يا اهلبيتِ پاڪ جي مَحَبَّت ۾ معاذالله صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي باري ۾ بدگماني جي هرگز هرگز اجازت ناهي (فيض القدير جلد1 ص192، حديث:159)

آل واصحاب سے محبّت ہے | اور سب اولیا سے اُلفت ہے
یہ سب اللہ کی عنایت ہے | مل گئی مصطفٰے کی اُمّت ہے

(وسائِل بخشش ص 159)

صَـلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**(29)** مان قيامت جي ڏينهن چار(طرح) جي ٻانهن جي شفاعت ڪندس: (1) منهنجي آل جي عزّت ۽ تعظيم ڪرڻ وارو.(2) منهنجي آل جون ضرورتون پوريون ڪرڻ وارو.(3) منهنجي آل جي پريشاني ۾ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو.(4) پنهنجي دل ۽ زبان سان منهنجي آل سان مَحبّت ڪرڻ وارو.
(جمع الجوامع جلد1 ص 380، حديث:2809)

**(30)** الله پاڪ اُن ٻانهي تي سخت غضب فرمائيندو جنهن منهنجي آل کي تڪليف ڏني. (جمع الجوامع جلد1 ص 410، حديث:3059)

**(31)** پيٽ ڀري کائڻ واري، پنهنجي رب جي فرمانبرداري کان غافل رهڻ واري، پنهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنّت کي ڇڏڻ واري، عَهۡد ٽوڙڻ واري، پنهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آل کي ناپسند رکڻ واري ۽ پنهنجي پاڙيسري کي تڪليف ڏيڻ واري کي الله پاڪ ناپسند فرمائي ٿو. (جمع الجوامع جلد2 ص 432، حديث:6898)

**(32)** منهنجا اهلبيت ۽ انصار(يعني انصاري صحابہ) منهنجي خاص جماعت ۽ منهنجا همراز آهن. (الفردوس جلد1 ص 407، حديث:1645)

**(33)** الله پاڪ ۽ مون ڇهن ماڻهن تي لعنت فرمائي آهي: (1) الله پاڪ جي ڪتاب ۾ زيادتي ڪرڻ وارو. (2) تقدير کي ڪوڙو چوڻ وارو. (3) زبردستي حاڪم بڻجڻ وارو (4) اُن شيءِ کي عزت ڏيڻ وارو جنهن کي الله پاڪ ذليل ڪيو هجي ۽ ان کي ذليل ڪرڻ وارو جنهن کي الله پاڪ عزت عطا فرمائي هجي. (5) الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کي حلال ڪرڻ وارو (6) منهنجي آل جي معاملي ۾ اُن شيءِ کي حلال سمجهڻ وارو جنهن کي الله پاڪ حرام ڪيو ۽ منهنجي سنت کي ڇڏڻ وارو. (ترمذي جلد4 ص 61، حديث: 2161)

**(34)** ٽي شيون اهڙيون آهن جنهن هنن جي حفاظت فرمائي، الله پاڪ ان جي اُن جي دين ۽ دنيا جي معاملي ۾ حفاظت فرمائيندو ۽ جنهن هنن کي ضايع ڪيو الله پاڪ اُن جي ڪنهن به معاملي ۾ حفاظت نه فرمائيندو: (1) اسلام جي عزت ۽ احترام(2) منهنجي عزت ۽ احترام (3) منهنجي رشتيدارن جي عزت ۽ احترام.(معجم ڪبير جلد3 ص126، حديث:2881)

**(35)** ماڻهن ۾ سڀ کان بهتر اهلِ عرب آهن ۽ عرب ۾ قريش وارا ۽ قريش ۾ بهتر بنو هاشم آهن. (الفردوس جلد2 ص 128، حديث:2892)

## اهلبيت کي تڪليف ڏيڻ واري جي عمر ۾ برڪت ناهي ٿيندي

**(36)** جنهن کي پسند هجي ته اُن جي عمر ۾ برڪت ٿئي ۽ الله پاڪ ان کي پنهنجي ڏنل نعمتن مان فائدو ڏي ته ان تي لازم آهي ته مون کان بعد منهنجي اهلبيت کان چڱو سلوڪ ڪري، جيڪو ائين نه ڪري ان جي عمر جي برڪت ختم ٿي ويجي ۽ قيامت ۾ منهنجي سامهون ڪارو منهن ڪٽي اچي. (ڪنزالعمال جلد12 ص 46، حديث:34166)

(37) تارا آسمان وارن جي لاءِ اَمان آهن ۽ منهنجا اهلبيت منهنجي اُمّت جي لاءِ اَمان ۽ سلامتي آهن. (نوادرالاصول جلد2 ص 840، حديث:1133)

(38) حسن و حسينرَضِیَ اللہُ عَنۡہُما دنيا ۾ منهنجا ٻه گل آهن.
(بخاري ج 2 ص547 حديث:3753)

(39) حسن ۽ حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما جنتي جوانن جا سردار آهن.
(ترمذي ج 5 ص426، حديث:3793)

(40) جنهن هنن ٻنهي(يعني حسنين كريمين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما) ۽ هنن جي والدين سان مَحبَت كئي، اهو قيامت جي ڏينهن مون سان گڏ منهنجي درجي ۾ هوندو. (معجم كبير جلد3 ص 50، حديث: 2654)

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهل بيت! ياد رهي! صالحن(يعني نيك ماڻهن) سان گڏ هئڻ مان اهو لازم نٿو اچي ته ان جو درجو ۽ جزا هر اعتبار سان صالحين(يعني اعليٰ درجي جي نيك ماڻهن) جي مثل ٿيندي. (شرح مسلم للنووي جلد16 ص 186) بلڪ ڪنهن درجي ۾ ڪنهن خاص اعتبار سان شركت ٿيندي جيتوڻيك مقام ۽ عزت ۽ معيار جي اعتبار سان لكين درجا فرق هجي، جيئن محل ۾ بادشاهه ۽ غلام(يا كوٺي ۾ سيٺ ۽ ملازم) ٻئي هوندا آهن پر فرق واضح آهي.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: آلِ پاڪ ۽ انهن جي حقوق جي تاكيد جي متعلق حديثون حدِّ تواتر تي پهتل آهن.

(فتاويٰ رضويه جلد24 ص 433)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net